© rasailojaraid.com



# ڪتب خانن جي مختصر تاريخ ۽ اهميت

☆ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ

عرب وارا ڪتابن جو بيان ۽ ذڪر نهايت ادب ۽ احترام سان ڪن ٿا، ان ڏس ۾ هڪ شاعر چوي ٿو:

نعم الانيس اذا خلوت كتاب
تلهو به ان خانك الاحباب
لا مفشيا سرا اذا اسودعته
و تفاد منه حكمة و صواب (١)

جڏهن تون اڪيلو هجين ته ڪتاب تنهنجو بهترين دوست آهي. جيڪڏهن توسان دوست خيانت ڪن ته ان وقت اهو ئي توکي وندرائيندو. جيڪڏهن راز جي ڳالهه ان وٽ رکندين ته هو ڪڏهن به ان کي ظاهر نه ڪندو ۽ ان مان توکي عقلمندي ۽ سچائي حاصل ٿيندي. اهڙيءَ ريت هڪ ٻيو ماڻهو چوي ٿو:

ان الكتاب هو الجليس الذى لا ينافق
ولا يمل و لا يعتابك اذا جفوت و لا يفشى سرك.

ڪتاب هڪ اهڙو دوست آهي جيڪو ڪڏهن به منافقي نٿو ڪري ۽ جيڪڏهن تون ان سان ناروا برتاءُ ڪندين ته هو ناراض نه ٿيندو نه وري تنهنجو ڪو راز ظاهر ڪندو.

دولت عباسيه جي دور جو مشهور شاعر متنبي چوي ٿو:

اعز مكان فى الدنيا سرج سالج
وخير جليس فى الزمان كتاب (٢)

---

☆ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ٽيچرز ٽريننگ انسٽيٽيوٽ حيدرآباد

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



دنيا ۾ عزت واري جاءِ گهوڙي جي زين آهي ۽ هميشه بهترين ساٿي ڪتاب آهي. ڪتاب کي ڪڏهن ته هٿيار جي برابر سمجهيو ويو آهي، جيئن ته المهلبي پنهنجي پٽ کي چوي ٿو:

يا بنى اذا وقفتم فى الاسواق فلا تقف الا

علىٰ من يبيع السلاح او يبيع الكتب

اي پٽ! جڏهن تون بازار ۾ ڪٿي بيهين ته فقط انهن دڪانن تي بيهه جن ۾ هٿيار يا ڪتاب وڪرو ٿيندا هجن. ڪتابن جي زياده ترويج ڪاغذ جي ايجاد سان ٿي ۽ ڪاغذ سازيءَ جو فن اسلامي دنيا ۾ سمرقند ۽ چين کان آيو ۽ جلد ئي ايتري ترقي ڪري ويو جو هر هنڌ ڪارخانه نهي ويا. سڀ کان پهريائين مصر ۾ بردي **Flax** جي پوک وڏي پئماني تي پوکي وئي جنهن ڪري اتي ڪيترا ڪارخانا ڪاغذ سازيءَ جا نهي ويا. عربن ريشم جي بجاءِ چيٿڙن مان ڪاغذ ناهڻ شروع ڪيا. ١١٠٠ع کان پوءِ ساري يورپ ۾ اسلامي ملڪن مان ڪاغذ وڃڻ لڳو. ڪتاب خانگي طرح يا عام نيلاميءَ جي ذريعي فروخت ڪيا ويندا هئا. ڪيترن ئي دوڪانن جا مالڪ وقت جا متبحر عالم ۽ فاضل هوندا هئا. (٣)

ڪتابن جي قيمت ڪاغذ سازي جي ڪري جيتوڻيڪ گهٽ هئي مگر تنهن هوندي به هميشه گران هوندي هئي. ان مان معلوم ٿي سگهي ٿو ته جن ماڻهن کي ڪتابن خريد ڪرڻ جي طاقت نه هئي انهن لاءِ عوامي ڪتب خانن جي ڪيڏي نه ضرورت هئي. (٤)

ستين صدي هجري (١٣٠٠ع) ۾ ڪتابن جي قيمت ۾ ڪجهه گهٽتائي ٿي هئي. ياقوت حموي مروجي، ڪتب خانه الدميريه مان عاريتاً ڪتاب وٺڻ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: ”منهنجي جاءِ ڪڏهن به ٻن سون ڪتابن کان خالي نه رهي، انهن ۾ ڇهه سو دينارن جا ڪتاب اهي هئا جن

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ڪتاب جو پيو خريدا به پيدا ٿيو ۽ واڪ ڏيندي ڏيندي ڪتاب جي ايتري قيمت چڙهي وئي جو ڪتاب الحضريءَ جي خريد ڪرڻ کان زور ٿي ويو. ڪيس معلوم ٿيو ته اهو خريدار هڪ جاهل آهي ۽ ڪتاب انهيءَ ڪري وٺي ٿو جو ڪتاب جو جلد خوبصورت ۽ سنهري هو ۽ انهيءَ قسم جا وٽس ڪيترا ڪتاب هئا. (٩)

حڪومت جو سڀ کان پهريون مرڪز جنهن ۾ سڀ کان پهريون ڪتبخانو قائم ٿيو، اهو بغداد هو، جتي ٽين صدي هجريءَ ۾ خليفي مامون الرشيد پهريون ڪتبخانو "دارالعلوم" يا "بيت الحڪمة" جي نالي سان قائم ڪيو. جنهن کان پوءِ پين مرڪزي شهرن ۾ به انهيءَ قسم جا عام ڪتبخانا قائم ٿيا، جن عام شهرت حاصل ڪئي. (١٠)

پهرين زماني ۾ ابتدائي (Primary) خواه اعليٰ تعليم (Higher Education) مسجدن ۾ ڏني ويندي هئي. انهن مسجدن ۾ هڪ مختصر ڪتبخانو به هوندو هو جتي فقط دينيات جا ڪتاب موجود رکيا ويندا هئا. آخر رفته رفته اعليٰ تعليم لاءِ درسگاهون به کوليون ويون جي اڄ ڪلهه جي يونيورسٽين جهڙيون هيون. جن ۾ سمورا علوم ۽ فنون پڙهايا ويندا هئا. قاهره ۾ الحاڪم اهڙي قسم جي هڪ يونيورسٽي چئي سگهجي ٿو. انهيءَ ۾ رياضيات، نجوم، طب، ما بعدالطبعيات (Mataphysics) جي تعليم به ڏني ويندي هئي.(١١) انهن عظيم الشان تعليم گاهن ۾ ڪتبخانا به هئا، جيڪي ابتدا ۾ فقط طالب علميءَ لاءِ مخصوص هوندا هئا پر نيٺ انهن کي عام ڪيو ويو.

اسلامي ڪتب خانن نهايت جادي ترقي ڪئي جن کي نه رڳو عباسي خليفن جي طرفان اعانت نصيب ٿي، پر انهن اميرن طرفان به امداد ملي ٿي جن هجري ابتدائي صدين ۾ بغداد سان پنهنجو رسوخ قائم ڪرڻ

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



تي چاهيو. تي اسلامي ڪتبخانا اسلامي تاريخ ۾ اهم رهيا آهن.:

١- پهريون بغداد ۾ عباسي خليفن جو ڪتبخانو جنهن ۾ بي بها ۽ بي شمار ڪتاب جمع هئا. تاتارين جڏهن بغداد کي تاراج ڪيو تڏهن انهيءَ ڪتبخاني جو نالو نشان ختم ٿي ويو.

٢- مصر ۾ فاطمي خليفن جو ڪتبخانو، جو بيش بها، نفيس ۽ ناياب ڪتابن جي ڪري سڄي ڪتبخانن ۾ مشهور هو. سندن آخري خليفي العاضد جي وفات تائين ڪتبخانو موجود هو. يعني سلطان صلاح الدين ايوبي رحه جي فتح ڪرڻ تائين.

٣- اندلس ۾ خلفاء بنو اميه جو ڪتبخانو جو عظيم الشان ڪتبخانن مان هو. جيسين ملوڪ الطوائف وارا قابض نه ٿيا هئا، تيسين ڪتبخانو موجود هو. پوءِ ڪتبخانو منتشر ٿي ويو. ان زماني ۾ بادشاهن جو توجه ڪتبخانن ڪان پري ٿي ويو ۽ قائم ڪيل مدرسن ۾ جيڪي ڪتبخانا هئا انهن کي ڪافي سمجهيو ٿي ويو. درجه ذيل انهن ڪتبخانن جي فهرست ڏجي ٿي جيڪي عهد عباسيه ۾ بلاد اسلاميه ۾ موجود هئا.

## بغداد:

١) ڪتبخانه "دار العلوم"

٢) "بيت الحڪمة" جنهن کي خليفي هارون الرشيد يا سندس جا نشين مامون الرشيد قائم ڪيو. خليفي المعتصم تائين موجود هو.

٣) ڪتبخانو جيڪو هڪ دار العلوم سان وابسته هو. جنهن کي اهل بويه جي وزير ابو نصر سابور بن ارد شير قائم ڪيو. ڪرخ بغداد جي محلي بين السورين ۾ هو. ان ۾ هڪ لک ڪتاب هئا. (١٢)

٤) مدرسه نظاميه جو ڪتبخانو جنهن کي نظام الملڪ وزير سلطان

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



الپ ارسلان سلجوقي ۴۵۷ھ ۾ قائم ڪيو. (۱۳)

۵) مدرسہ مستنصر جو ڪتبخانو جنهن کي خليفي المستنصر بالله عباسي ۶۲۳ھ ۾ قائم ڪيو. انهن ڪتبخانن کان سواءِ ان زماني ۾ ڪُل ۳۶ ڪتبخانا هئا جي گهڻو ڪري تاتارين جي زماني ۾ برباد ٿي ويا. (۱۴)

۶) ڪتبخانه دار العلوم جنهن کي مشهور فاضل ۽ شاعر ابن حمدون ۳۲۳ھ ۾ قائم ڪيو هو. (۱۵)

## رامهرمز:

۷) ابن السوار جو قائم ڪيل ڪتبخانو.

## بصره:

۸، ۹) ۾ ڪتبخانا ابن سوار نالي ڪنهن ماڻهو عوام لاءِ قائم ڪيا هئا. اهو جنهن جو ذڪر حريري مقامات ۾ ڪيو آهي، اهي. ٻئي ڪتبخانا بدوين جي حملي وقت ساڙيا ويا. (۱۶)

## حلب:

۱۰) بنو حمدان جو قائم ڪيل ڪتبخانو جيڪو ۴ صدي هجريءَ ۾ حلب تي حڪمران ٿيو. (۱۷)

## طرابلس:

۱۱) ڪتبخانو بنو عمار فرمان روايان طرابلس جيڪو ۵ صدي هجريءَ جي آخر ۾ قائم ٿيو. جنهن کي فرنگين ٻهرين صليبي جنگ ۾ ۱۱۰۹ع ۾ طرابلس تي حملہ وقت ساڙي ڇڏيو. (۱۸)

## قاهره:

۱۲) ڪتبخانه جامعه ازهر جنهن کي فاطمي خليفي العزيز ۹۷۰ع ۾ قائم ڪيو هو.

© rasailojaraid.com

